# ڪوريئڙو

ڪوريئڙو ۽ ان جي ڄار توهان اڪثر ڏٺي هوندي. گهر ۾ جڏهن ننڍڙي ڪوريئڙي جو ڄاهيل وڏو ڄارو نظر ايندو آهي ته امان ٻهاري سان ان کي لاهي ڦٽو ڪندي آهي ته جيئن گهر صاف نظر اچي. گهر کان ٻاهر ٻوٽن منجهه به ڪوريئڙي جا ڄار توهان ڏٺا هوندا.

ڪوريئڙو هڪ دلچسپ جيت آهي. انهن جيتن جا هزارين قسم آهن. انهن ۾ ڪجهه وڏا ۽ ڪجهه ننڍا ڪوريئڙا هوندا آهن. گهڻا ئي ڪوريئڙا ڄار اُڻندا آهن پر ڪجهه اهڙا به هوندا آهن جيڪي ڄارو ڪونه ڄاهيندا آهن.

ڪوريئڙي جي پوئين حصي ۾ ڏنگ هوندو آهي. جنهن مان هو هڪ ريشم ڪيندو آهي، ۽ پوءِ ان ريشم منجهان ڌاڳو ڄاهيندو آهي ۽ ان کان پوءِ ڪوريئڙو انهي ڌاڳي منجهان ڄار اُڻندو آهي.
ڪوريئڙي لاءِ انهي ڄاري جا ڪيترائي فائدا آهن. مک، مڇر يا ان قسم جا ٻيا ننڍڙا جيت ان جي ويجهو ايندا ته ڄار ۾ ڦاسي پوندا آهن ۽ پوءِ ڪوريئڙو ڄار کي انهن جي چوڌاري ويڙهي ڇڏيندو آهي. قيدي جيت اتي هٿ پير چوري ڪونه سگهندو آهي، ڪجهه دير کان پوءِ جڏهن ان جيت ۾ چرڻ ڦرڻ جي ڪا به طاقت باقي نه رهندي آهي ته پوءِ ڪوريئڙو ان کي کائي ڇڏيندو آهي.

ڄار جو هڪ ٻيو فائدو اهو آهي ته ڪنهن اهڙي جاءِ تي جتي ٻوٽا هجن، ڪوريئڙو هڪ ٻوٽي کان ٻئي ٻوٽي تائين پهچڻ  لاءِ ڄار جو پل ڄاهيندو آهي ۽ انهي پل کان گذري هو ٻئي ٻوٽي تائين پهچندو آهي جتي ان کي کائڻ لاءِ ٻيا به جيت ملي ويندا آهن.

ڪڏهن ايئن به ٿيندو آهي ته ڪوريئڙي کي پيٽ  ڀرڻ جيترو کاڌو نه ملي سگهندو آهي ته ان حالت ۾ هو پنهنجو ئي ڄاهيل ڄار کائي ڇڏيندو آهي.

اهڙا به ڪوريئڙا ٿيندا آهن، جيڪي ڄار ڪونه اُڻندا آهن ۽ اهي ڪوريئڙا زهر اوڳاڇيندا آهن. جيڪو انهن جي شڪار کي بي وس ڪري ڇڏيندو آهي يا ماري ڇڏيندو آهي. اهو زهر جيتوڻيڪ انسانن کي اڪثر ڪونه ماريندو آهي پر تڏهن به انهن کي گهڻي تڪليف پهچائي سگهي ٿو.

هاڻي شايد توهان اهو پڇو ته ڪوريئڙي جو ڪو فائدو به آهي يا نه؟ چاڪاڻ ته هو اهڙو جيت ٿو لڳي جو ڪنهن جي به ڪم جو ناهي. هو پوپٽ جيان سهڻو به ناهي ۽ نه ڪي جهرڪي وانگر مٺڙا گيت ڳائي سگهي ٿو.

ڳالهہ اها آهي تہ هر جانور جو چڱايون ۽ اوڻايون فوري طور نظر ڪونہ ايندیون آهن پر انٽرنيٽ تي يا ڪتابن ۾ جانورن بابت تمام گهڻو مواد موجود آهي. اهو پڙهي توهان پنهنجي علم ۾ واڌارو آڻي سگهو ٿا.

گهڻائي اهڙا جيت جيڪي نقصان رسائيندڙ آهن ۽ اهي جيت گهڻو ڪري گهرن جي اندر بہ هجن ٿا، مثال طور لال بيگ، مچر ۽ مکيون انهن سڀني جيتن کي ڪوريئڙو کائي ڇڏيندو آهي.

اناج ۽ ٻين ٻوٽن تي اهڙا جيت حملو ڪندا آهن جيڪي فصل پڻ تباهہ ڪري ڇڏيندا آهن. ڪوريئڙو انهن سمورن جيتن کي ڳڙڪائي ڇڏيندو آهي. اهڙي طرح سان ڪوريئڙو هارين ۽ مالهين جو سٺو دوست هوندو آهي.

**آمنہ اظفر**

**سنڌي ۾ ترجمو**

**عطيہ دائود**

# ڳجهہ

ڳجهہ اهڙو پکي هوندو آهي جنهن جا ست قسم هوندا آهن. پاڪستان ۾ ملندڙ ڳجهہ جو جسم ڪارو ۽ مٽو ڳاڙهي رنگ جو هوندو آهي. سيني تي اڇي رنگ جي بج يعني ننڍڙا ننڍڙا وار هوندا اٿس. اهڙي ڳجهہ جي مٿي تي وارا نہ هوندا آهن ان ڪري هو گنجي نظر ايندي آهي.

ڳجهہ جي چهنپ ڪاري ۽ ڏاڍي مضبوط ٿيندي آهي. انسان شڪار لاءِ بندوق ۽ ٻيا هٿيار استعمال ڪندو آهي. جانورن وٽ انسانن جهڙا هٿيار تہ ڪونہ هوندا آهن پر انهن جا هٿيار انهن جي ئي جسم جو ڪو عضوو هوندو آهي. مثال طور ڳجهہ جي چنهب ڪيس ڪنهن بہ وڏي ڪان وڏي جانور ڪي چيرڦاڙي ڪائڻ ۾ مدد ڏيندي آهي. اهڙي طرح ڪوريئڙي جو هٿيار ان جي ڄاهيل ڄار آهي. جنهن ۾ هو پنهنجي شڪار ڪي ڦاسائي وجهندو آهي ۽ شينهن جو هٿيار ان جو چنبو هوندو آهي.

ڳجهہ جي غذا مئل جانور هوندا آهن. انهيءَ ڪانسواءِ هو تمام گهڻو گند پڻ ڪائيندي آهي. اسان ڪي آس پاس ايترا سارا ڪتا، ٻليو، ڪوئا ۽ ٻيا بہ اهڙا جانور نظر ايندا آهن. آخر اهي سڀ ڪڏهن نہ ڪڏهن مرندا بہ هوندا. جيڪڏهن ڳجهہ ۽ ڪانون جهڙا مرده خور جانور نہ هجن ها تہ اسان ڪي هرطرف زنده جانورن ڪان بہ وڌيڪ مئل جانور نظر اچن ها. اهو ڳجهہ ۽ ڪانو جهڙي مرده خور جانورن جو احسان آهي تہ اسان جي ماحول جي صفائي ڪندا رهن ٿا.

ڳجهہ جون اکيون ڏاڍيون تيز هونديون آهن. هوءَ گهڻو پري ڪان پنهنجو شڪار تاڙي وٺندي آهي پوءِ ڪٽي اهو ڪو ننڍڙو ڪوئو ئي چونہ هجي. جانور ننڍو هجي يا وڏو جيڪڏهن اهو مئل آهي تہ ڳجهہ ان ڪي ڪائيندي آهي. جڏهن بہ ان ڪي ڪو شڪار ملندو آهي تہ ان جا سڀ مٽ مائٽ ۽ دوست بہ اتي پهچي ويندا آهن، پر انهن ۾ جيڪي عمر ۾ وڏا هوندا آهن اهي پهريائين ڪائيندا آهن ۽ ننڍڙيون ڳجهون پنهنجي واري جو انتظار ڪنديون آهن. ايئن لڳي ٿو تہ چڻ ڳجهون بہ پنهنجي وڏڙن جو ادب ڪنديون آهن.

ڳجهن ڪان هوائي جهازن جي اڏام ڪي خطرو رهندو آهي. انهيءَ ڪري انهن پکين ڪي هوائي اڏن ڪان پري رکڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي.

**آمنہ اظفر**

**سنڌي ۾ ترجمو**

**عطيہ دائود**